سليم ڀٽو لطيفي

# ايءَ تان شاعر سَڏ...!!!


### *Abstract*

## A POET SPIRES…...

*Hazrat Shah Abdul Latif Bhitai introduced revolutionary ideas in his poetry long before the wave of Romanticism. In his poetry he presents panoramic view of Sindh and his range of characters consisting of poor and princes embodied with the lofty concepts of human virtues like beauty, peace, truth and love with such an artistic perfection that his poetry inspires the reader deeply and takes him to such heights and flights that is true aesthetic sprit, creative emotions and urge to act are activated. Our poet keeps his characters active and encourages them for unceasing activities and sets them in quest to prove their existence.*

*WHETHER HOT OR COLD, MARCH ON, THERE IS NO TIME TO REST,*
*LEST DARKNESS FALLS, YOU FELT TO FIND BELOVEDS TRACKS.*

*As a saint poet of unmatched order, he is spiritual guide, who through his touching words organized with musical settings, makes direct appeal to the head and hart of every reader and uplifts his very soul and makes him realize that how esthetic emotional experience can develop human personality. So, he guides man to cultivate godly attributes in him self for higher evolution. Hence, his poetry reviles the process of mans inner uplifting and enables him to understand his relations with his Creator and his fellow beings. This could not be achieved unless man understand his situation and knows his pitfalls while waging war against evil, temptation, ignorance, sloth and moral relapses which cause serious consequences and aberrations, that lead him to fall from heavenly dignity and grace. Hence, our poet insists man to repaint his sins and face difficulties in order to reach the stage of integrated being with profoundly moral approach and conscious of the plight of poor, suppressed, helpless and suffering fellows.*

*Inspite of composing musical thought of the highest and profoundest aspirations of a spiritually evolved being, fused with the deep emotions that touch the very core of the heart, along with the power, beauty and everlasting appeal, Shah Abdul Latif aspires and prays to God as:*

*GRACIOUS AND ALL KNOWING LOVED ONE,*
*BE LEASED TO BLESS ME IN PROPORTION.*
*PERFECT ONE! IS IT DIFFICULT TO FAVOR ME*
*WITH YOUR ONE GLANCE?*


Shah Abdul Latif Bhitai Chair

*Shah Abdul Latif Bhitai in his poetry experiences direct approach to God and initiates in Divine knowledge and then the same knowledge, he tries to pass on to the people and his contemplation on the Divine attributes of love and beauty enables him to unite together the diversities, so his mysticism as reveled in his poetry is called love mysticism, a love and beauty only could be comprehended by the enlightened one blessed with the devotion and sincerity, endeavor and struggle and responsibilities. Our poet emphasizes again and again on this theme in his collection of poetry (Shah- Jo- Risalo)*

**ارڙهين صدي عيسويءَ** کان يورپ ۾ ادبي تنقيد جو دور شروع ٿئي ٿو ۽ ادب ۾ عوامي معاملن کي جاءِ ڏني وڃي ٿي ۽ شاعريءَ متعلق ڪيترائي نظريا سامهون اچن ٿا. جڳ مشهور رومانوي ۽ فطرت جي عڪاسي ڪندڙ شاعر ”وليم ورڊس ورٿ“ جي شاعري فطرت جي رنگين منظرن جي چٽسالي آهي. هي فطرت جي جمالياتي ۽ جذباتي رخن کان گهڻو متاثر هو. هن جي خيال ۾ ”شاعري سڀني علمن جي جان ۽ ان جو لطيف ترين جوهر آهي.“(1) تنهنڪري شاعر جو رتبو سڀ کان بلند آهي ڇو جو شاعر سڀني دنيوي علمن کان واقف هجي ٿو. شاعر ٿيڻ لاءِ انسان مختلف علمن جا دنيوي ۽ باطني سڀ مرحلا طئي ڪري تڪميل تي پهچڻ کانپوءِ شاعري تخليق ڪرڻ جي لائق ٿئي ٿو، پوءِ اهڙي تخليق، عوامي ۽ عالمي هوندي آهي.

هن ئي صديءَ جو هڪ ٻيو نوجوان ۽ پرجوش شاعر ”شيلي“ آهي. هن جي هر شعر مان جوانيءَ جو جوش ۽ انقلابي بغاوت ظاهر ٿئي ٿي ۽ ساڳئي وقت عشق ۽ حُسن جو اولڙو بہ جهلڪي ٿو. شيلي جي خيال ۾ ”شاعري هڪ رباني ڏات آهي ۽ سڀني علمن جو مرڪز ۽ محيط آهي.“(2) مطلب تہ شاعري انسان جي علمي اپٽار سان گڏ احساسن ۽ جذبن جي اوت آهي. ادبي ڪيتر جا محقق ۽ نقاد هن خيال تي متفق آهن تہ سماج ۾ شاعر جو هئڻ لازمي آهي. جڏهن تہ افلاطون پنهنجي مثالي رياست ۾ شاعر لاءِ ڪابہ گنجائش نٿو رکي. جديد ادبي نظريئي تحت جنهن قوم ۾ شاعر پيدا ڪرڻ جي صلاحيت نہ آهي، سا ڪڏهن بہ ترقي نہ ٿي ڪري... پر ساڳئي وقت هڪ ڏاهي جو قول آهي تہ جنهن قوم ۾ ڇڙواڳ ۽ سطحي شاعر گهڻا پيدا ٿين ٿا تہ اها قوم تباهہ ۽ برباد ٿي غلاميءَ جي غارن ۾ گم ٿي وڃي ٿي. جيئن سنڌي ادب ۾ اڄڪلهہ ٿئي پيو ۽ سنڌ جون حالتون بہ ان حقيقت جو چٽو ثبوت آهن ڇاڪاڻ تہ سنڌي ادب ۾ 350 سالن جي عرصي ۾ حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي پائي جو ڪو ٻيو شاعر پيدا ٿي نہ سگهيو آهي، جيڪو مرڪزي حيثيت ۾ سڀني ظاهري ۽ باطني علمن تي حاوي هجي ۽ پنهنجي قوت

تخيل جي ذريعي زمان ۽ مڪان جي قيد کان آزاد هجي، خواهشون هن جي راهه ۾ رنڊڪ نه ٿي سگهن ۽ هو پنهنجي قسمت ۽ قوم جو ڏٽي هجي. جيڪو پنهنجي قوم کي، ماحول کي، ۽ ٻوليءَ کي پنهنجي مرضيءَ موجب بنائي سگهي. شاهه سائين جي دور انديش نگاهه، سندن زبان ۾ اثر، سندن عزم ۾ پختگي ۽ سندن خيال ۾ پوترتا ۽ پاڪيزگي سندس شاعريءَ جون اهڙيون خوبيون آهن جو هو اڍائي صديون گذرڻ باوجود ماڻهن جي رهنمائي ڪري ٿو، انهن کي انسايت جو راز ٻڌائي ٿو ۽ انهن کي انسانيت جي معراج تي رسائي ٿو.

سوريءَ مٿي سيڻ، ڪهڙي ليکي سنرا،
جيلهن لڳا نيڻ، تي سوريائي سيج ٿي.

اڄڪلهه گهڻا ئي شاعر آهن جيڪي ننگي شاعري سرجين ٿا. انسانيت جي درجي کان ڪريل نظر اچن ٿا. بداخلاقي، ڏوکي بازي، ٻيائي ۽ مڪاري انهن جي رڳ رڳ ۾ شامل آهي. پر هي سيڪجهه شاعريءَ جي فن جو ڏوهه نه آهي. شاعر ۽ حقيقي شاعر اهو آهي جو زندگيءَ جي صحيح ترجماني ڪري. شاعر يا اديب جيڪڏهن پنهنجي ملڪ يا زماني جي جديد خيالن ۽ اجتماعي جذبن جو ترجمان نه آهي ته هو صحيح معنيٰ ۾ شاعر سڏائڻ جو حق نٿو رکي.

عالم ”آئون“ سان، پريو ٿو پير ڪري،
پاڻ نه آهي ڄاڻ، ته ماندي مند پڪيڙئو.

حقيقي شاعر حسن ۽ خير، حقيقت ۽ صداقت کي هم آهنگ بنائي پيش ڪري ٿو. ڪامياب عوامي ۽ قومي شاعر اهو آهي جو ماڻهن جي ذوقِ حسن، جذبهٔ فڪر ۽ روح عمل کي نه رڳو تازگي بخشي، پر ان ۾ حرڪت عمل پڻ پيدا ڪري. ڇاڪاڻ ته حرڪت عمل سان ئي زندگي ٺهي ٿي. صرف لفاظي ڪافي نه آهي پر عمل ۽ جدوجهد جي ضرورت آهي.

ڇيج مَ قطاران، سات ڇڙهندو لڪئين،
ميچڻ ٿئين پئان، وڳ واٽئين نه لهين.

علم حاصل ڪرڻ سيڪجهه نه آهي، علم عمل سان آهي. عمل ڪانسواءِ ته علم پنهنجي ڪم به ڪونه ٿو اچي، جيسين ان علم تي عمل نه ڪجي. جنهن جي علم ۽ عمل ۾ موافقت نه آهي اهو منافق آهي، گنهگار آهي، ڏرتيءَ جو، ڏرتيءَ ڏٽين جو ۽ پنهنجي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

امڙ جي ٻولي ۾ لوليءَ جو. علم کي عمل جي ڏانچي ۾ آڻڻ سان انساني خواهشون قبضي ۾ رهن ٿيون، تصور روشن ٿئي ٿو، قوت عمل بيدار ٿئي ٿي ۽ انسان پنهنجي مقصد حيات کي حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ٿو.

هِتان ڪٿي هُت، جن رکيو سي رسيون،
ساجن سونهن سُرت، وکان ئي ويجهو گهٽو.

هل هنئين سين هوت ڏي، سِسِي ڪڻ مَر ساڻ،
جنين پانئيو پاڻ، سي آرياڻيان اوري رهيون.

ابن سينا خدا کي شاعر انواع جي نالي سان موسوم ڪري ٿو(3) ڇاڪاڻ ته هو پنهنجي شعور سان قائم آهي. پنهنجي ذات کي برقرار رکڻ لاءِ هو ڪنهن ٻئي جو محتاج نه آهي.

اول الله عليم، اعليٰ عالم جو ڌڻي،
قادر پنهنجي قدرت سين، قائم آهي قديم.

هن بيت جي روشنيءَ ۾ الله تعاليٰ پنهنجي ئي قدرت سان قائم آهي يعني هڪ اهڙي هستي جا خود بخود آهي ۽ جڏهن خودبخود آهي ته پوءِ انسان کي مڃڻو پوندو ته هو قديم پڻ آهي. جهڙي طرح عقل ڪنهن خودبخود هستي جو اقرار ڪري ٿو ته ڪيس اهڙي هستي کي قديم پڻ مڃڻو پوندو. الله تعاليٰ جو وجود ازل کان وٺي قائم آهي ۽ قديم پڻ آهي. تنهنڪري نه صرف اول آهي پر هو پنهنجي وجود کي ابد تائين قائم رکڻ تي به قادر آهي. انهيءَ صفت جي ڪري الله تعاليٰ عالم جو ڌڻي به آهي. ڇاڪاڻ ته هو عليم آهي ۽ اعليٰ آهي. ڪائنات جون رنگينيون، نظام شمسي جو دور، سج، چنڊ ۽ ستارن جي روشني، دنيا جي دلڪشي انهن سڀني شين ۽ زندگيءَ کي قائم رکڻ ۾ انهيءَ قادر ۽ قديم، قائم ۽ عليم جو اختيار ڪارفرما آهي جيڪو سنسار جي سڀني مظاهرن جو ڪُلي علم ۽ شعور رکي ٿو. انسان جي فلاح ۽ بهبود لاءِ ڪيس پنهنجي معرفت جو علم ۽ شعور عطا ڪري ٿو. ڇو جو هو علم ۽ شان ۽ شعور وارو آهي. پر جڏهن انسان وحي ۽ نبوت جي رهنمائي ترڪ ڪري پنهنجي ناقص عقل کي پنهنجو رهنما ڪري ٿو ويهي ته انسان پاڻ تي ظلم ڪري ٿو ڇاڪاڻ ته انسان پنهنجي محدود معلومات ۽ مشاهدن کي سامهون رکي مسئلن جو حل ڳولي ٿو ۽ هميشه گمراهي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

۽ لاعلمي ۾ گذاري ٿو. ڇاڪاڻ ته انسان جو شعور محدود آهي تنهنڪري صحيح ڏس ۾ انسان جي رهنمائي نٿو ڪري سگهي. حضرت شاهه عبداللطيف الله تعاليٰ جي شاعر الذات صفت يعني شعور جي تائيد هن بيت ۾ ڪن ٿا:

جانب! تون جيڏو، آهين شان شعور سين،
مون تي ڪر منهنجا ڏٽي، توهه تُسي تيڏو،
اي ڪامل ڪم ڪيڏو، جي نوازين نگاهه سين.

هن بيت ۾ لطيف سائين الله تعاليٰ کي التجا ڪري ٿو ته، ”اي منهنجا مالڪ! تنهنجو مرتبو بلند آهي. تنهنجي عظمت تنهنجي شعور جي شان سان قائم آهي. ڇاڪاڻ ته تون ”شاعرالذات“ آهين يعني پاڻ کي سڃاڻڻ لاءِ تون ڪنهن ٻئي جو محتاج نه آهين. توکي پنهنجي ذات جو شعور خود پنهنجي ذات مان حاصل ٿيندو آهي. اي منهنجا ڏٽي! مون تي ڪرم ۽ رحم به ايڏو ئي ڪر جيڏو تنهنجي شعور جو شان آهي. جيڪڏهن تون مون بي وس ۽ لاچار کي اهڙي طرح نوازيندين ته هي ڪم تنهنجي لاءِ مشڪل نه آهي پر عين تنهنجي شان وٽان آهي.“

شاهه سائين مٿئين بيت ۾ شان ۽ شعور جو ذڪر ڪري الله تعاليٰ کي ڇو ٿو التجا ڪري؟ دولتمند کان دولت گهربي آهي، طاقت واري کان طاقت جي مدد گهربي آهي، علم واري کان ڄاڻ وٺبي آهي. اهڙي طرح شاهه سائين الله تعاليٰ جي شان ۽ شعور جو ذڪر ڪري، التجا ڪري ٿو ته، ”اي مالڪ سائين! مونکي صاحب شعور بناءِ يعني شاعر بناءِ ڇاڪاڻ ته تون پاڻ شاعر الذات آهين“. جيئن ته معرفت حق سان، معرفت نفس حاصل ٿئي ٿي، تنهنڪري الله تعاليٰ جي شان ۽ شعور جي ڄاڻ حاصل ٿيڻ ڪانپوءِ، نفس جو شعور حاصل ٿئي ٿو. انهيءَ ڪري شاهه صاحب شاعر کي صداقت جو پيامبر سمجهي ٿو ۽ صداقت جو اظهار حسن آهي. آجپي ۽ آسودگيءَ جو حسن، اخلاق ۽ ڪردار جو حسن، تصور ۽ سوچ جو حسن. غلامي سڀ کان بدصورت، سڀ کان سنگين سزا آهي. منهن مهانڊي جي بدصورتي کان ڪردار جي بدصورتي وڌيڪ نفرت جوڳي آهي. غلامي بدصورتي آهي ۽ آزادي حُسن آهي. هي تخيل لطيف سائين پنهنجي رسالي جي سُر مارئي ۾ ڏنو آهي. مارئي قيد کي پنهنجي حسن جو وڃائڻ سمجهي ٿي:

سونهن وڃايم سومرا! ڪيڏانهن ويم ڪمال،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

وڃان ڪيئن وطن ڏي، هڙو وني حال،
جي مون ڏين جمال، تہ پسان منهن پنهوار جو.

سونهن وڃايم سومرا، عمر ٿيس اسير،
مارو منجھ ملير، مون سين هت هينئن ٿيو.

شاعر پنهنجي ادب، ٻولي، قوم ۽ ڌرتيءَ جو عاشق هوندو آهي، تنهنڪري ادب جي تعريف ۽ توصيف بيان ڪرڻ لاءِ زندگيءَ جي ساز مان هو هڪ گيت، هڪ نغمو تخليق ڪري ٿو ۽ اهو گيت فطرت جي عين اصول مطابق آهي. هي گيت تخليقي قوتن جو خالق آهي. اهڙيون تخليقي قوتون جيڪي ماڻهن جي تقدير ۽ تدبير بدلائين ٿيون. ڪايا پلٽ ٿئي ٿي. شاهہ سائين سُر سُورٺ ۾ انهيءَ گيت جي اهميت ظاهر ڪئي آهي.

تند، ڪتارو، ڪنڌ، ٿيئي پرچيا پاڻ ۾،
تنهن جِهوئي ناهہ ڪي، جو تو چارڻ ڪيو پنڌ،
اي شڪر الحمد، جيئن متو گهريوءِ مڱڻا.

جيئن راڳ ڪلام جو مرهون منت آهي، تيئن راڳ جي تعريف حقيقت ۾ شاعر جي تعريف آهي. ڪلام ازلي يعني ”ڪن فيڪوني“ آهي. تنهنڪري تخليقي قوتن جو سرچشمو پڻ شاعر آهي.

ايڪ پيالو ٻہ ڄڻا، عشق نہ ڪري اڌ،
اي تان شاعر سڌُ، ڪيئي جا قول سين.

شاعر نظام سنسار کي قبضي ۾ ڪرڻ لاءِ، اندروني جذبن کي بيدار ڪري ٿو. انهيءَ ڪري هن جا احساس تيز ٿي وڃن ٿا، شعور مڪمل ۽ قوي ٿي وڃي ٿو، تصور روشن ۽ خيال بلند ٿي وڃن ٿا ۽ جذبا پوتر ۽ پاڪ ٿي پون ٿا. شاعر جي نگاهہ ڪائنات جي هر ذري ذري جو جائزو وٺي ٿي ۽ هو راز صداقت کان واقف ٿيڻ کانپوءِ انساني قلب ۾ نئون احساس پيدا ڪري ٿو. هن آس ۽ امنگ جي پرورش کان پوءِ شاعر بيچين ٿي ان آس کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. هي جذبو شاعر ۾ ”جنون“ پيدا ڪري ٿو جنهن کي عشق سڏجي ٿو. تنهنڪري حق ۽ سچ جي نظام جو تحفظ عشق جي جذبن کي پيدا ڪرڻ سان ٿئي ٿو جو شاعر جي تخليقي قوتن جي بهترين صورت آهي تنهنڪري شاعر ۽ عشق لازم ۽ ملزوم آهن.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

عشق نه آهي راند، ته ڪي ڪنس ڳيرو،
جيءُ، جُسي ۽ جان جي، پڇي جو هيڪاند،
سِسِي نيزي پاند، اڇل ته اڏ ٿئي.

شاهه سائين جي ڪلام جو روئي سخن يا اندازِ خطاب عشق جي حوالي سان جوڳين ۽ عاشقن سان آهي. شاهه صاحب شاعر، عاشق ۽ جوڳيءَ ۾ فرق نٿو ڪري. ڇاڪاڻ ته ٽنهين ۾ عشق آهي، عشق جو جذبو آهي. ٽئي عاشق آهن پر ان جي برعڪس شاهه سائين ملي ۽ مجاور کي ڪانءَ سان ڀيٽي ٿو.

ملان، مجاور ۽ ڪانءُ، ٽئي دشمن دين جا،
اڳي هئا اڪثير، هاڻ وفا وڃائي ولها ٿيا.

حضور ڪريم ﷺ جن جو فرمان آهي ته عرب جو مشهور شاعر امرءُالقيس شاعرن جو سردار آهي ۽ دوزخ ۾ سڀ کان پهرئين داخل ٿيندو ڇاڪاڻ ته هي ماڻهن کي گمراهه ڪري ٿو.(4) مطلب ته ماڻهن کي گمراهه ڪرڻ جو فعل هن کي دوزخ ۾ داخل ڪرڻ جو ڪارڻ ٿيندو. حقيقت ۾ جو شخص ماڻهن کي گمراهه ٿو ڪري سو ظالم آهي پوءِ اهو شاعر هجي يا شيخ، ملو هجي يا مير، پير هجي يا اديب پر جيڪو شخص ماڻهن کي حق ۽ سچ جي راهه ڏيکاري ٿو، ماڻهن کي ڪائنات جي راز ۽ رموز کان واقف ڪري ٿو ۽ انهن جي دلين ۾ صداقت ۽ حسن جو عشق پيدا ڪري ٿو سو ڪڏهن به گمراهه نه ٿو ٿي سگهي. شاعر ۽ صوفيءَ جو ڪم ڏاڍو ڏکيو آهي. گمراهه انسان جي دلين ۾ خوف خدا پيدا ڪري ۽ سڌي واٽ ڏيکارڻ ڪو سولو ڪم نه آهي.

ڏني ڏکويا، اڻ ڏني راضي ٿيا،
صوفي تي ٿيا، جيئن ڪين ڪنيائون پاڻ سين.

صوفيءَ صاف ڪيو، ڏوئي ورق وجود جو،
تهان پوءِ ٿيو، جيئري پسڻ پرين جو.

صوفي لاڪوفي، ڪونه پائينس ڪير،
منجهان ئي منجهه وڙهي، پڌر نه آهيس پير،
جنين ساڻس وير، ٽئي تنين جو واهرو.

شاعر ماڻهن جي دلين ۾ حق ۽ سچ جي تڙپ پيدا ڪري ٿو جيڪو گناهن کان



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

پري ڪري نيڪيءَ ڏانهن مائل ڪري ٿو. شاعر انسان جي اندر ۾ ضمير کي جنجهوڙي ٿو. انسان کي خوف ۽ لالچ کان بي نياز بنائي ٿو. جڏهن انسان جي دل مان خوف ۽ لالچ ختم ٿي وڃن ٿا ته ان دل ۾ محبت، انسانيت، امن، حق، صداقت ۽ حسن لاءِ عشق پيدا ٿئي ٿو. هونئن به اهو فطرت جو اصول آهي ته جتي لالچ ۽ خوف هوندو اتي محبت ۽ عشق نه هوندو ۽ جتي عشق ۽ محبت هوندي آهي اتي لالچ ۽ خوف نه هوندو آهي. هي سچا انسان پوءِ وڏي واڪي حق جو هوڪو ڏيندا آهن. ڪنهن به شخصيت يا ماحول کان خوفزده نه ٿيندا آهن. هنن لاءِ بزدلي ۽ مصلحت ڪفر آهي. شاهه سائين جي سهڻي، سسئي، مارئي ۽ مومل، مورڙو ۽ ٻيا سورهيه ۽ فقيري ڪردار خوف ۽ دهشت کان بي نياز آهن. درياءُ ۾ ڪاهي پوڻ ۽ محبوب جي محبت جي مستيءَ ۾ مهراڻ جي مستي کي مات ڪرڻ سهڻي جو عشق ۽ عزم آهي.

ساهڙ ريءَ ثواب، آءُ گهڙو ئي گهوريان.

سهڻي ميهار تان ساهه صدقو ڪرڻ سستو سودو سمجهي ٿي. سهڻيءَ لاءِ ميهار حق جي راهه آهي. سڌي ۽ صداقت جي واٽ آهي. آجپي جي منزل آهي. ميهار جو ملڻ سهڻيءَ لاءِ سيني خواهشن ۽ خوشين جي تڪميل آهي. هن راهه ۾ مرڻ سان ٻڏيءَ جا ٻيٽا ٿين ٿا چاڪاڻ ته سهڻيءَ جو مقصد عظيم آهي. هن عظيم مقصد ماڻڻ لاءِ ظاهري ملي واري پاڪائي ۽ پرهيزگاري، عبادتون، جنت ۽ دوزخ جا تصور سهڻيءَ لاءِ ڪا به اهميت ڪونه ٿا رکن. گناهه و ثواب جي قيد کان بي نياز آهن.

سي جهليون ڪين ڪنن، پچن جي ميهار کي.

جنهن کي ساڻ پريان جا سور، تنهن کي ندي ناهه نگاهه ۾.

سا ندي پانئين نيڙ، جنهن کي سڪ ساهڙ جي.

جن کي عشق جي اُسات، سي واهڙ پائين وڪڙي.

جي ساهڙ جون سونهيون، سير سراڙو تن کي.

سسئي صحرا جون مصيبتون برداشت ڪري ٿي. هُوءَ پنهنجي پوري جاکوڙ ۽ جهد کي پنهون جي هڪ جهلڪ اڳيان ڪجهه به نه ٿي سمجهي.

ساجن ڪارڻ سيج، مر قبولي سسئي.

سسئي پنهون جي پريت ۾ سيج جو سفر قبولي ٿي ڇاڪاڻ تہ پنهون هن لاءِ شعور ۽ سُرت، سونهن، حسن ۽ عقل آهي.

ساجن سونهن سُرت، وڪان ئي ويجهو گهٽو.

سسئي پنهون پائڻ لاءِ ڀنڀور سان واڳيل هر جذبي، هر رشتي، هر خوشي ۽ خواهش ڇڏي ٿي پر پنهون جي پيغام تي مرڻ بہ مباح ٿي سمجهي.

پنهون جي پيغام تان، منهنجو موت مباح.

راڻي جو رسڻ وري مومل لاءِ ڪاڪ ڪاڙياري ۾ قيامت ڪاري ڪري ٿو وجهي.

ڏٿ مَر ويج ڍول! ڪاڙياري ڪاڪ ڪري،

راڻو رنو ڪاڪ سين، ڪاري ٿي قيام.

مومل راڻي جي وڇوڙي ۽ فراق جو داغ برداشت نٿي ڪري ۽ هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهي ڇاڪاڻ تہ راڻو مومل لاءِ مقصد ۽ منزل آهي.

سوڍي سُتي لوڪ، ڪا جا مون سين ڳالهہ ڪئي،
ساجي پڌر پوءِ، تہ سرتيون! ڪا نہ سمهي.

حاڪم جو قيد قبول ڪرڻ، محبوب مارئن ۽ مٽيءَ لاءِ موت جي منهن ۾ وڃڻ، مارئي جو حوصلو ۽ عزم آهي. مارئي ۾ شاهہ صاحب محبوب جي محبت، مارئن جي محبت ۽ مٽيءَ جي محبت جو اهڙو تصور پيش ڪيو آهي. جو ان جو مثال ملڻ مشڪل آهي. مارئي تڪليفون ۽ سختيون سهي، ڪوٽن ۽ ڪڙن ۾ قيد، عمر جي رعب ۽ تاب، دڙڪن ۽ دهمانن جي ڪابہ پرواهہ نہ ڪندي ست ۽ سيل سنڀالي، ماروئڙن، محبوب ۽ مٽيءَ سان وفاداري جو هڪ مثال قائم ڪري ڏيکاريو آهي. مارئي هر قسم جي لالچ ۽ لوڀ، محلن ۽ ماڙين، پٽ پٽيهرن، بخمل ۽ ست رڇين ڪي ٺڪرائي اذيتون برداشت ڪري ٿي پر پنهنجي مٽن، محبوب ۽ مٽيءَ جي محبت ۽ لوئي جي لڄ رکي ٿي.

جي لوڻ لڳين لائين، ڇيري ڇيري ڇم،
مون ڪُر اڳ نہ ڪئو، اهڙو ڪوجهو ڪم،
جان جان دعوا دم تان تان پرت پنهوار سين.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مارئي لطيف سائين جو محبوب ڪردار آهي جيڪو انيڪ گڻن جو مالڪ آهي. مارئي محب وطن آهي، مظلوم طبقي سان وفادار آهي. انفرادي خوشي جي مخالف آهي پر مجموعي ۽ عوامي خوشي ۽ خوشحالي چاهي ٿي. عزت ۽ غيرت جي رکوالي آهي. جبر ۽ ڏاڍ اڳيان ڪنڌ ڪانه ٿي جهڪائي پر آزاديءَ جي علمبردار آهي. مارئي نه رڳو لطيف سائين جو پر اسان سڀني سنڌين جو ۽ سنڌ جي نظرياتي ملڪيت آهي.

ڪانڌ نه ڪنديس ڪو ٻيو، ڪٿيرو ئي خوب،
ميرو ئي محبوب، اسان مارو من ۾.

شاهه سائين جون هي سورميون قومي ۽ عوامي مقصد جي حاصلات لاءِ هر قسم جي تڪليف ۽ قرباني کي معمولي ڳالهه سمجهن ٿيون ڇاڪاڻ ته انهن ڪردارن ۾ اهڙو روح پيدا ڪيو ويو آهي جو هو سمجهن ٿيون ته سچن کي ڪو به سور نه آهي ۽ هي مصيبتون عارضي آهن.

آگي ڪيا اڳهين، نسورو ئي نور،
لاخوف عليهم ولاهم يحزنون، سچن ڪونهي سور،
مولىٰ ڪيو معمور، انگ ازل ۾ ان جو.

حضرت شاهه عبداللطيف اهو انقلابي ۽ عوامي شاعر آهي جيڪو پنهنجي خراب ماحول کي تباهه ۽ برباد ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ حق ۽ سچ جي نظام لاءِ نه رڳو آسپاس جي راهه هموار ڪري ٿو پر ان جي حفاظت پڻ ڪري ٿو. شاهه سائين جي ڪلام جي نموني مان سندس شخصيت صاف ۽ چٽي طرح نمايان ٿئي ٿي. شاهه سائين کي پٽائي گهوٽ به انهي ڪري چوندا آهن جو هو پنهنجي ذاتي جدوجهد کي مختلف ڪردارن ۽ قصن جي صورت ۾، هڪ سوامي يا گهوٽ، عاشق ۽ انقلابي جي حيثيت ۾ بيان ڪري ٿو. ڇاڪاڻ ته جيتري قدر شاعر جي شخصيت سندس ڪلام ۾ نمايان هوندي اوتري ئي تناسب سان هو ماڻهن کي پنهنجي ڪلام سان متاثر ڪري سگهندو. شاعر جو مقصد ماڻهن کي متاثر ڪرڻ آهي. تنهنڪري هو ڪڏهن به ادب براءِ ادب جو قائل نه ٿيندو آهي. شاعر جو ڪلام جيڪڏهن ڪا ادبي حيثيت رکي ٿو ته صرف تاثير جي ڪري ۽ نه ادب جي وجود کي برقرار رکڻ جي لاءِ. شاهه سائين جو ڪلام سندس شخصيت جو ذاتي تجربو ۽ مشاهدو آهي سندس ڪردار ۽ سوچ جو آئينو آهي ۽ مارئي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جي معرفت پنهنجي اندر جو اظهار هن طرح ڪري ٿو:

جـي هـت هـئـي مـارئـي، تـہ لـڏيـم ڪـر ڪـيـٽـاس،
ارداسـيـم عـمـر ڪـي، ويـجـهـو ٿـي وٿـانـس،
جي نہ ڇڏيائين، ڪِ جهليائين، تہ پنهجو انگ آچيانس،
لاهـي لـوهـہ، لـطـيـف چـئـي، هـتـان هـونـد هـلانـس،
مـوڪـي مـلـيـر سـامـهـيـن، وٺـي ٻـانـهـن وڃـانـس،
رهـبـر ٿـي ريـڙهـيـانـس، سـونـهـاري سـاٽـيـهـہ ڏي.

اهڙا عظيم ڪردار پوري انسانيت جا هيرا ۽ جوهر آهن. پوري انسان ذات اهڙن عظيم ڪردارن جي عظمت جي محرابن ۾ سجدي ڪرڻ ڪان ڪڏهن بہ واندي ڪونہ ٿيندي آهي. شاهہ سائين جا ڪردار نہ رڳو شاهہ سائين جي شاعري جو اثاثو آهن، نہ رڳو سنڌي ادب جو سرمايو آهن، پر اسان سنڌ ۽ سنڌين جي نظرياتي ملڪيت پڻ آهن ۽ سموري انسان ذات جي ان ازلي خواب جي ساڀيان آهن جن لاءِ انسانيت ازل ڪان وٺي اوسيئڙي ۾ رهي آهي ۽ شاهہ سائين جا اهي ڪردار هن عظيم محسن انسانيت جي هن ڪيفيت مان سرجي نڪتا آهن.

بـنـدي ٻـيـا قـرار، اسـيـن لـوچـون لـوهـہ ۾،
مـٿـي تـن تـرار، سـدا سـانـپـيـئـڙن جـي.

شاهہ سائين جي فلسفي مطابق شاعر ماڻهن جي دلين ۾ شعور پيدا ڪري انهن کي سنڌن اندروني اسرارن ڪان واقف ڪري ڪامل انسان بنائي ٿو ۽ پوءِ اهڙن ماڻهن جي دلين ۾ عشق جو درياءُ موجزن ٿيندو آهي. هو هميشہ متحرڪ، بي چين ۽ جستجو ڏانهن مائل هوندا آهن. تنهنڪري پنهنجي قوم کي نون خيالن ۽ ارادن، پاڪيزه جذبن ۽ تعميري منصوبن لاءِ اتساهہ پيدا ڪندا آهن، حسن ۽ عشق ۾ توازن رکندا آهن ۽ حق جي نظام جو تحفظ ڪندا آهن. اهڙين خصوصيات وارا شاعر مخلوق خدا جي خدمت ڪندا آهن. انسان جي فلاح ۽ بهبود لاءِ فڪر ڏيندا آهن. مطلب تہ شاعر هڪ مصلح قوم ۽ مبلغ حق آهي جو سماج کي سڌاري ٿو. شاهہ صاحب جي شخصيت ۽ ڪلام کي جيڪڏهن هڪ مرڪزي نقطي جي حوالي سان پرکجي تہ سائين جو هي بيت سندس فڪري عڪاسي آهي:

عـمـر اسـان جـي ڏيـهـہ ۾، تـي ٿـول سـجـهـن،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

هڪ موت، ٻيو ڦوڙائو، ٽيون ساٽيھ ڪي سڪن،

## حوالا


1. ”پرنسپلس اينڊ هسٽري آف لٽريري ڪريٽيسزم“، ڪتاب محل، اردو بازار،لاهور، ص: 398.
2. ”پرنسپلس اينڊ هسٽري آف لٽريير ڪريٽيسزم“، ڪتاب محل، اردو بازار، لاهور، ص: 481.
3. سرور، علي سرور، ”ڪارٽي“، آر ايچ احمد اينڊ برادرس، حيدرآباد، سنڌ، 1960ع، ص: 41.
4. سرور، علي سرور، ”ڪارٽي“، آر ايچ احمد اينڊ برادرس، حيدرآباد، سنڌ، 1960ع، ص: 44.


## مددي ڪتاب


1. شاهواڻي، غلام محمد، ”شاھ جو رسالو“، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، سنڌ، 1993ع.
2. ”املھ اٽتوريا“، شاھ عبداللطيف ڪلچرل سوسائٽي، ڪراچي، سنڌ، 1985ع.


Shah Abdul Latif Bhitai Chair